**SCAN TO VERIFY**
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1985
# SINDH ACT NO.IV OF 1985
# ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 1985
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1982

3. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V ۾ دفعه 14_A جي شموليت
Insertion of section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.IV OF 1985
# ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 1985

[12 ڊسمبر 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 24 سيپٽمبر 1985 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1982

2. ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "ڇهہ مهينا" لاءِ لفظ "هڪ سال" متبادل ٿيندا؛

(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "هڪ سال" لاءِ لفظ "ٻہ سال"

متبادل ٿيندا.

3.چاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 14 کانپوءِ هيٺيون دفعہ 14_A شامل ڪيو ويندو:

**14_A چونڊ لاءِ اهليت.** حڪومت جي اجازت کانسواءِ ڪو بہ شخص جيڪو دفعہ 6 تحت سوسائٽي کي تحويل ۾ وٺڻ کان اڳ عهدو رکندڙ هيو، اهو دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) تحت چونڊ ۾ حصو وٺڻ جي اهل نہ هوندو.".

1982 جي سنڌ آرڊيننس V ۾ دفعہ 14_A جي شموليت

Insertion of section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**